SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1979

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1979

سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH HISTORICAL MOSQUES AND SHRINES FUND CESS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان

Short Title

2. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of West Pakistan Ordinance of 1960

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1979

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1979

سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH HISTORICAL MOSQUES AND SHRINES FUND CESS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[11 مارچ 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان

1. هن آرڊيننس سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

Short Title

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of West Pakistan Ordinance of 1960

2. سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) کي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو:

"(4) سيس پهرين آڪٽوبر 1974 کان پنجن سالن جي عرصي لاءِ اوڳاڙيو ويندو ۽ جاٽايل عرصو پورو ٿيڻ کانپوءِ حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙي عرصي لاءِ سيس اوڳاڙي سگهي ٿي، جيڪو ڇهن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.